# قرآني بيان

# مِعراجَ جا مشاهدا

24 January 2025

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه ائمه مساجد جي تحت مساجد جي لاءِ

## جمعي جو بيان



24 جنوري، 2025ع (اسلامي تاريخ 23 رجب المرجب 1446) جي
جمعي جو بيان

# قرآني بيان
بنام
# مِعراجَ جا مشاهدا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ✿... سفرِ معراج جي هڪ حڪمت
- ✿... حبيب ۽ خليل جو فرق
- ✿... غلامان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم تي ڪرم
- ✿...نور ۾ لڪيل ماڻهو

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)
For Feedback: +92315 2692786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

سيپاري:22، سورۀ اَحزاب، آيت: 56 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىٕكَتَهٗ یُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِیِّ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا ﴿۵۶﴾ (پاره:22، سورۀ احزاب:56)

ترجمو ڪنزُالعِرفان: بيشڪ اللّٰه ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا، اي ايمان وارؤ! ان غيب ٻڌائڻ واري (نبي) تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

غوثِ زمان، حضرت عبدالعزيز دَبّاغ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جنت جي چؤطرف جيڪي ملائڪ آهن، اهي هر وقت پياري نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُورد پاڪ موڪليندا رهندا آهن، انهن جي درود جي برڪت سان جنّت ڪشادي ٿيندي رهندي آهي، نہ ملائڪ درود شريف کان غافل ٿيندا آهن، نہ جنّت وڌيڪ پکڙجڻ کان رڪندي آهي. [1]

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شمار دُرود

1...سعادة الدارين،صفحہ:61 -

بے عدد اور بے عدد تسلیم | بے شمار اور بے شمار دُرود (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج اسان جي آقا و مولٰي، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عظيمُ الشان، نرالو ۽ حيران ڪندڙ معجزو آهي. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مکي مکرمہ مان هليا، مسجدِ اَقْصيٰ پهتا، پوءِ ستن آسمانن ۽ جنت جو سير، جهنّم جا مشاهدا ۽ سڀ کان اهم اهو تہ رَبّ ڪائنات جو جاڳندي اکين سان ديدار ڪري رات ئي رات ۾ واپس تشريف کڻي آيا، اجان بستر مبارڪ گرم هو، ڪُنڊي هِلي رهي هئي ۽ وُضو جو پاڻي وهيو پئي.

اللّٰہ پاڪ رحمتون نازل فرمائي اعليٰ حضرت عظيمُ البرڪت پاڻ وڏي سهڻي ڳالهہ چيائون: فرمائن ٿا:

عرش کی عقل دنگ ہے، چَرخ میں آسمان ہے
جانِ مُراد اب کِدھر ہائے تِرا مکان ہے
شانِ خُدا نہ ساتھ دے، اُن کے خِرام کا وہ باز
سدرہ سے تا زمیں جسے نرم سی اِک اُڑان ہے (2)

وضاحت: (معراج جو معجزو فلسفين جي سمجهہ ۾ ڪٿي ٿو اچي، هي تہ اهو مبارڪ معجزو آهي جو) عرش بہ حيران آهي، آسمان بہ چڪرائي رهيو آهي تہ اي جانِ عالم (ڪُل جهان جي جان)! اي جان تمنّا! ست آسمان پوئتي رهيا، عرش ۽ ڪرسي بہ هيٺ رهجي ويا، هاڻ توهان جو قيام ڪٿي هوندو؟ اللّٰہ پاڪ جو شان ڏسو! هن رات جي سفر ڪي قرآن ڪريم سَيْر فرمايو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناز ۽ انداز سان سَيْر ڪندي هلڻ جي رفتار جو اهو عالم آهي جو جبريل

---

1...ذوقِ نعت،صفحہ:123 ملتقطاً۔

2...حدائقِ بخشش،صفحہ:178- 179 ملتقطًا۔

اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو اک ڄَنبي ۾ سِدْرَه کان زمين، زمين کان سِدْرَه تائين پهچي ويندو آهي، اهو هن رات ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ساٿ نہ ڏئي سگهيو، جڏهن ناز ۽ انداز سان سير ڪندي هلڻ جو هي عالم آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تيز رفتاري جو عالم ڇا هوندو...!!

تيرا وَصف بياں هو کس سے، تيری کون کرے گا بڑائی
اس گردِ سَفَر ميں گُم ہے جبريلِ امين کی رسائی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيتِ معراج جي وضاحت

سيپاري: 15، سوره بني اسرائيل، آيت: 1 ۾ الله جَلَّ شَانُهٗ فرمائي ٿو:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَہٗ لِنُرِیَہٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ

(پارہ:15، سورۂ بنی اسرائيل:1)

**ترجموڪنزالعرفان:** پاڪائي آهي ان کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتون رات وٺي ويو مسجد حرام کان مسجد اقصي تائين. جنهن جي آسپاس اسان برڪت رکي تہ اسان اُن کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون

هن آيتِ ڪريمہ ۾ پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سَفَر مِعراج جي هڪ حصي يعني مڪي مڪرمہ کان مسجدِ اقصيٰ تائين جو ذڪر آهي.

## اعليٰ حضرت جي شاگرد جو علمي شان

هي آيتِ ڪريمہ جيتوڻيڪ مختصر آهي، جيتوڻيڪ هن ۾ پياري آقا مِعراج جي گهوٽ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ايڏا ڪمالَ جا شانَ بيان ٿيا آهن جو واه سُبۡحٰنَ الله!

گھڻو عرصو پهريان هند (هندوستان) جي ڪنهن علائقي ۾ رجب شريف(يعني شب معراج) جي ساليانې محفل ٿيندي هئي ۽ هر سال اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جا شاگرد علامہ ظفر الدين بهاري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه بيان لاءِ تشريف ڪٽي ايندا هئا، سندن معمول اهو هو تہ هر سال هن آيتِ ڪريمہ جي صرف هڪ ئي لفظ جي باري ۾ بيان فرمائيندا هئا، مثال طور پهرين سال پاڻ صرف سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ جي وضاحت فرمائي، ٻي سال لفظ اَسۡرٰی' جي، ٽين سال بِعَبۡدِهٖ جي، ايئن پاڻ 12 سالن ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي تشريح مڪمل فرمائي، هر سال تقريبًا 2 ڪلاڪ جو بيان هوندو هو. ان مان اندازو لڳايو! هن آيتِ ڪريمہ جي هڪ هڪ لفظ ۾ ڪيترا علم جا موتي آهن. علامہ ظفر الدين بهاري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي انهن بيانن مان چند هڪ تحريري صورت ۾ ڇپيل ملي ويندا آهن، اهڙو ڪمال ايمان اَفروز، عشق رسول سان پرپور، علمي نڪتا آهن جو پڙهي ڪري ايمان تازو ٿي ويندو آهي.

خير! هي آيتِ ڪريمہ گهڻو وسيع آهي، هن جون معنائون تہ ايتريون آهن جو ختم ئي ناهن ٿينديون، اسان اڄ جي هن بابرڪت موقعي تي هن آيتِ ڪريمہ جي هڪ حصي جي مختصر وضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## معراج جي سفر جي هڪ حڪمت

الله پاڪ محبوب رَبّ اَڪۡبَر، شاهہ خشڪ و تر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سفرِ معراج جي هڪ حڪمت بيان ڪندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| لِنُرِيَهٗ مِنۡ اٰيٰتِنَا ؕ<br>(پاره:15، سورة بنی اسرائيل:1) | ترجمو ڪنزُالعرفان: تہ جيئن اسان اُن کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون |

يعني الله ڪريم پنهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج انهيءَ ڪري ڪرايو تہ جيئن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجيون نشانيون ۽ قدرت جا عجائبات (انوکا راز) ڏسيا وڃن.

## مالڪ ڪي ان جي ملڪيت ڏسي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوب رَبِّ اَڪْبَر، شاهِ خشڪ و تر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي هي نشانيون (مثال طور جنت ۽ دوزخ، عرش ۽ ڪرسي، لوح ۽ قلم وغيره) ڇو ڏسيون ويون؟ ان حوالي سان مشهور مفسر قرآن، حڪيمُ الاُمت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏو ايمان افروز مدني گل ڏنو آهي، فرمائن ٿا: عرش ۽ فرش ۽ تمام عالَم حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي عطا فرمايا ويا آهن، انهيءَ ڪري جنت جي دروازي، پَن پَن، ڏاري ڏاري تي لکيل آهي: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه يعني تمام شيون قدرت جي ڪارخاني ۾ ٺَهيل ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ملڪيت ۾ ڏنيون ويون آهن. لٰهذا ڪريم رَبَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي معراج تي گهرايو ۽ سڀ ڪجهه ڏيکاري ڇڏيو. (1)

ڪونين بنائے گئے سرکار کی خاطِر | ڪونين کی خاطِر تمہیں سرکار بنایا
کُنجی تمہیں دِی اپنے خزانوں کی خُدا نے | محبوب کِیا، مالِک و مختار بنایا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حبيب ۽ خليل جو فرق

اي عاشقانِ رسول! هتي حبيب ۽ خليل جو فرق ڏسي وٺو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا خليل آهن، وڏي مرتبي وارا نبي آهن، اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پوءِ سڀ نبين ۽ رسولن ۾ مٿانهون درجو سندن جو آهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪي بہ معراج ٿيو، سندن ڪي زمين ۽ آسمان جي بادشاهي ڏيکاري وئي، پاڻ پٿر جي هڪ ڇپَ تي بيٺا، حڪم ٿيو: اي

1...شانِ حبيب الرحمٰن من آيات القرآن ،صفحہ:107 بتغيرٍ قليل۔

ابراهيم! هيٺ ڏسو! ڏنائين تہ ست ئي زمينون ۽ انهن ۾ موجود قدرت جون نشانيون نظر اچي ويون، وري حڪم ٿيو: مٿي ڏسو! پاڻ مٿي ڏنائون تہ ست ئي آسمان نِهاري ورتائون. (1) الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ كَذٰلِكَ نُرِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ (پاره:7،سورۂ انعام: 75) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اهڙيءَ طرح اسان ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکاري. |

هي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي معراج هئي پر حبيب ۽ خليل جو فرق ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان ۽ زمين جي بادشاهت ڏيکارڻ منظور ٿيو تہ هڪ پٿر تي بيهاري ڏسيو ويو پر جڏهن وارو آيو پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تہ ✿ جنت سينگاري وئي ✿ آسمان ۽ زمين ۾ خوشيون رچايون ويو ✿ حضرت جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام فرشتن جي جڄ وٺي ڪري، جنتي سواري بُراق ساڻ ڪري حاضر ٿيو ✿ ۽ الله پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آسمانن تي بلڪ ستن آسمانن کان بہ مٿي گهرايو ۽ پنهنجي قدرت جون عظيم نشانيون ڏيکاريون، اِهي آهن حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شانَ...!!

قرباں میں شان و عظمت پر، سوئے ہیں چین سے بستر پر
جبریلِ امیں حاضِر ہو کر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں
اللہ کی رحمت سے سَرور جا پہنچے دنٰی کی منزل پر
اللہ کا جلوہ بھی دیکھا، دِیدار کی لذّت پاتے ہیں (2)

1...تفسيرِ صراط الجنان،پاره:7 ،سورۂ انعام،زيرِ آيت:75 ،جلد:3 ،صفحه:141-142 بتغيرقليل.

2...وسائلِ بخشش،صفحه:286.

## با جي هڪ معنيٰ

علماءِ ڪرام وڏي پياري ڳالهه لکن ٿا: الله ڪريم فرمايو:

اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ

(پارہ:15، سورۂ بنی اسرائیل:1)

ترجموڪنزُالعرفان: پنهنجي ٻانهي کي وٺي ويو

هن جڳهه تي لفظ عبد کان پهرين با زِير بِ آهي، هن جڳهه تي هن با جي معنيٰ آهي: مُصَاحَبَتْ (يعني رفيق، ساٿي هجڻ) يعني ✿ هن سفر مبارڪ ۾ الله پاڪ جون خصوصي عنايتون، مدد ۽ نصرت ۽ لطف ۽ ڪرم معراج واري گهوٽ، سَيِّدُ الْاَنْبِيَاء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيو ✿ الله پاڪ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مسجد حرام کان وٺي ويا ✿ پوءِ تمام جڳهن جو سير ڪرايو ✿ قدرت جا عجائبات ۽ نشانيون ڏسي ڪري✿ دَنٰي واري مقام تي فائز فرمائي ڪري ✿ محبوب سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري ✿ اَوَّلِين ۽ آخرين (يعني سيني اڳين پوئين) جو علم عطا فرمائي ڪري ✿ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام ۽ رحمت ۽ برڪت ۽ اُمتين جي لاءِ 5 نمازن جو تحفو عطا فرمائي خير ۽ خوبي سان مڪي مڪرم تائين پهچائي ڇڏيو. [(1)]

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي حبيب ۽ خليل جو فرق...!! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي زمين ۽ آسمان جي بادشاهي ڏيکاري وئي پر ڪيئن؟ زمين تي، پٿر جي ڇپَ تي بيهاري ڪري، يقيناً اهو به بلند شان آهي، پر محبوبِ ڪريم، رَؤُفٌ رَّحِيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آسمان تي گهرائي ڪري سڀ ڪجهه ڏيکاريو ويو، هي شان سڀ کان نرالو شان آهي.

معراج ہوئی تا عرش گئے حق تم سے مِلا تم حق سے مِلے

1...تحفۂ معراج النبی،صفحہ:125خلاصۃً.

سب راز فَاَوْحٰی دِل پہ کُھلے یہ عزت و حشمت کیا کہنا...!!( 1 )

## محبوب ڪريم کي ديدار ڪرايو ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ٻيو فرق بہ ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڇا ڏسيو ويو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ
(پاره:7،سورۂ انعام: 75)

ترجموڪنزُالعرفان: سڄي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي

پر محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڇا ڏسيو ويو؟ زمين جا عجائبات، آسمانن جا عجائبات، عرش، ڪرسي، لوح، قلم، جنت، دوزخ ايسيتائين جو رَبّ ڪائنات پاڻ کي بہ پردي ۾ نہ رکيو، پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جاڳندي اکين سان پنهنجو بہ ديدار ڪرائي ڇڏيو.

شاہ کو یہ معراج کی شب کتنا اونچا اعزاز ملا
آپ نے تو سر سے چشمانِ دیدارِ رحمٰن کیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غلامانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪرم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم فرمايو:

لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ؕ
(پاره:15 ،سورۂ بني اسرائيل:1)

ترجموڪنزُالعرفان: اسان ان کي عظيم نشانيون ڏيکاريون

يعني معراج واري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معراج ڪرايو ويو تہ جيئن الله پاڪ جون نشانيون ڏسيون وڃن، انهيءَ ۾ اسان غلامان مصطفيٰ

1...قبالہ بخشش،صفحہ:85-

تي به ڪرم نوازي جو هڪ پهلو آهي. امام فخرالدين رازي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه وڏو ايمان افروز نڪتو لکيو آهي، سندن فرمان جو خلاصو آهي: جڏهن ڪا شيءِ اچانڪ ماڻهوءَ جي سامهون ايندي آهي، توڙي جو انسان کي پهريان کان ان جو علم هجي، ان کي ڄاڻيندو به هجي پر ڪجهه دير جي لاءِ انسان جي دل ان ۾ مشغول ٿي ويندي آهي، توجهه هٽندي آهي، رسول رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ ان جي نعمتن جو به علم رکندا آهن، دوزخ ۾ اتي جي عذابن جو به علم رکندا آهن پر الله پاڪ قيامت اچڻ کان پهريان ئي ڪين جنت ۽ دوزخ جا هولناڪ منظر ڏسيا، ته جيئن قيامت جي ڏهاڙي جنت دوزخ کي سامهون آندو وڃي ته پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل انهن ڏانهن مشغول نه ٿئي جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پوري توجهه پنهنجي غلامن ڏانهن رهي ۽ انهن جي شفاعت ۾ مَصروف هجن.[1]

مِعْراج کی شَب تو یاد رکھا، پھر حشر میں کیسے بھولیں گے
عطّار اسی اُمّید پہ ہم دِن اپنے گزارے جاتے ہیں

اَللّٰهُ اَكْبَر! ڪمال ئي ڪمال آهي، الله ڪريم ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن جو ڪيتري حد تائين احساس فرمائيندا آهن پر افسوس اسان گنهگار آهيون جو ۞ اسان کي پاڻ ئي پنهنجو فڪر ناهي ۞ اسان پنهنجي مغفرت ۽ بخشش جو فڪر ناهيون ڪندا ۞ چاهيندي يا نه چاهيندي نفس ۽ شيطان جي چنبي ۾ ڦاسي پوندا آهيون ۞ گناهن ۾ مشغول هوندا آهيون. الله پاڪ اسان کي عقل سليم عطا فرمائي. ڪاش! اسان الله پاڪ جا شڪر گذار ٻانها ۽ گناهن کان بچندي، نيڪين واري زندگي گذاريون.

1...تفسیرِ کبیر،پارہ:15 ،سورۂ بنی اسرائیل،زیرِ آیت:1 ،جلد:7 ،صفحہ:297-

| | |
|---|---|
| نہ کرنا حَشْر میں پُرسش مِری ہو بے سبب بخشش | عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمَم مولیٰ! |
| تُو ڈر اپنا عنایت کر، رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر | مِٹا خوفِ جہاں دل سے مِٹا دنیا کا غم مولیٰ! |
| تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی | تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معراج شريف جي چند مشاهدن جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج شريف جي هڪ حڪمت بيان ٿي:

لِنُرِیَهٗ مِنْ اٰیٰتِنَا ؕ

(پاره:15، سورهٔ بنی اسرائيل:1)

ترجموڪنزُالعرفان: اسان ان کي عظيم نشانيون ڏيکاريون

قدرت جون اهي ڪهڙيون ڪهڙيون نشانيون آهن، جيڪي رسول اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معراج واري رات ڏٺيون، يقيناً انهن جو مڪمل تفصيل تہ بيان نٿو ٿي سگهي، اچو! ان باري ۾ ڪجھ روايتون ٻڌون ٿا:

## (1) موتين مان ٺهيل گنبذ جهڙا خيما

حضرت عباده بن صامت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي: معراج جي رات رسول مختار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنت ۾ موتين مان ٺهيل گنبذ جهڙا خيما ملاحظه فرمايا جِن جي مٽي مشڪ جي هئي. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرتِ جبريل عَلَیْہِ السَّلَام کان دريافت فرمايو: لِمَنْ هٰذَا يَا جِبْرِيْل يعني اي جبريل! هي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيو: اي مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هي توهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمت جي آئِمه (امام جو جمع) ۽ مُؤَذّنن جي لاءِ آهن. [1]

1...المسند للشاشی،مسند عبادة بن الصامت، جلد:3، صفحہ:322، حديث:1428۔

سُبۡحٰنَ اللہ! رضاءِ الٰهي جي لاءِ اذان ڏيڻ ۽ امامت ڪرڻ جي ڇا تہ فضيلت آهي جو الله پاڪ انهن لاءِ جنت ۾ موتين مان نهيل خيما تيار ڪري رکيا آهن.

## آذان ڏيڻ جون فضيلتون

✿ مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ثواب ڪارڻ اَذان ڏيڻ وارو اُن شهيد وانگر آهي جيڪو رَت ۾ لٿڙيل آهي ۽ جڏهن مرندو تہ قبر ۾ ان جي جسم ۾ ڪيڙا نہ پوندا.[1] ✿ مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: جنهن پنج ئي وقتن جي اَذان ايماني بنياد تي ثواب جي نيت سان ڏني ان جا جيڪي گناهہ پهرين ٿيا آهن مُعاف ٿي ويندا.[2]

الله پاڪ اسان کي بہ ثواب جي نيت سان اَذان ڏيڻ، اقامت چوڻ ۽ پنج ئي نمازون مسجد ۾ جماعت تَڪبير اُولٰي سان گڏ ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2): شان صِدّيق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ

معراج واري رات پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ تشريف کڻي آيا تہ ريشم جي پردن سان سجايل هڪ محل ڏسي ڪري پڇائون: اي جبريل! هي ڪنهن جي لاءِ آهي؟ عرض ٿيو: حضرت صِدّيق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي لاءِ آهي[3]

سُبۡحٰنَ اللہ! عاشقِ اڪبر، حضرت صِدّيق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو ڇا شان آهي.

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صِدّیقِ اَکبر کا | ہے یارِ غار، محبوبِ خُدا صِدّیقِ اَکبر کا

1...الترغیب و الترہیب،کتاب الصلاۃ ،الترغیب فی الاذن...الخ،صفحہ:95 ،حدیث:24-

2...کنز العمال،کتاب الصلاۃ ،قسم الاقوال،جز:7 ، جلد:4 ،صفحہ:279 ،حدیث:20902-

3...الریاض النضرۃ،الباب الاول فی مناقب ابی بکر،الفصل الحادی عشر،جز:1 ،صفحہ:158-

رُسُل اور انبیاء کے بعد جو افضل ہو عالَم سے | یہ عالَم میں ہے کس کا مرتبہ، صِدّیقِ اَکبر کا(1)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): نور ۾ لڪيل ماڻهو

معراج واري سفر جي پلاري رات آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو گذر هڪ اهڙي شخص وٽان ٿيو جيڪو عرش جي نور ۾ لڪيل هو. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هي ڪير آهي، ڇا ڪو فرشتو آهي؟ چيو ويو: نہ. فرمايو: ڪو نبي آهي؟ چيو ويو: نہ. پڇيو: پوءِ هي ڪير آهي؟ ٻڌايو ويو: هي اهو شخص آهي جو ✿دنيا ۾ اُن جي زبان ذڪر الٰهي سان تَر رهندي هئي ✿ هن جي دل مسجدن ۾ لڳل هوندي هئي ۽ ✿ هي ڪڏهن پنهنجي والدين ڪي ٻُرو چورائڻ يا انهن جي بي عزتي ڪرائڻ جو سبب نہ بڻيو.(2)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ ذڪر الاهي جي گهڻائي، مسجدن سان محبت، والدين جي لاءِ برائي جو سبب بڻجڻ کان بچڻ، هي ٿئي عمل اللّٰه رب العزت جي بارگاھ ۾ گهڻو ئي محبوب آهن. هن روايت ۾ انهيءَ ڳالھ جي ترغيب موجود آهي تہ ✿ انسان گارگند ✿ ويڙھ جهيڙو ✿ نشي بازي ✿ جُوا وغيره ڪنهن بہ اهڙي ڪم جو هرگز مرتڪب نہ ٿئي جو ان جي والدين لاءِ طعناً مهڻن جو سبب بڻجي ۽ حشر جي ڏينهن خود ان ڪي شرمندگي جو سامنو ڪرڻو پئي.

## (4) غيبت جو عذاب

معراج واري رات پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪجھ اهڙن مردن ۽ عورتن وٽان گذريا جيڪي پنهنجي ڇاتيءَ ساڻ لڙڪيل هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيو:

---

1...ذوقِ نعت،صفحہ:76 ملتقطاً۔

2...موسوعہ امام ابن ابی الدنیا،کتاب الاولیا،جلد:2 ،صفحہ:415 ،حدیث:95۔

اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي منهن تي عيب ڪڍڻ وارا ۽ پُٺ پويان بُرائي ڪرڻ وارا آهن ۽ انهن جي باري ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو: [1]

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۙ﴿۱﴾
(پاره:30، سورۂ ہمزه: 1)

ترجموڪنزُالعرفان: ان جي لاءِ خرابي آهي جيڪو ماڻهن جي منهن تي عيب ڪڍي، پرپُٺ گلا ڪري.

پيارا اسلامي ڀائرو! غيبت ڪرڻ جو انجام ڪيتري قدر تباهه ڪندڙ آهي، قيامت جي ڏينهن غيبت ڪرڻ واري کي دردناڪ عذاب جو منهن ڏيٺو پوندو، ان جو تصور ئي لرزائڻ جي لاءِ ڪافي آهي. غور ڪيو! جيڪڏهن غيبت ڪرڻ وارو بغير توبهه ڪرڻ جي مري ويو ۽ دردناڪ عذاب ان مٿان مسلط ڪيو ويو ته ڪيئن برداشت ڪري سگهندا. انهيءَ ڪري غيبتن، چغلين ۽ بين گناهن ڀري ڳالهين کان رشتو ڪٽي ڪري ۽ حمد ۽ نعت سان رشتو جوڙيو، هر لمحي هر گهڙي ياد الٰهي ۾ رُڌل رهو ۽ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوب خوب درود و سلام جا گل نڇاور ڪندا رهو.

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! | بُری عادتیں بھی چھڑا یاالٰہی!
مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی | کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی!
تجھے واسطہ سارے نَبیوں کا مولیٰ | مِری بخش دے ہر خطا یاالٰہی! (2)

## (5): وياج خور ماڻهو

سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: معراج واري رات مان ڪجهه ماڻهن وٽ آيس جن جا پيٽ گهرن وانگر (وڏا) هئا انهن جي اندر نانگ

---

1...شُعَبُ الْاِيمان،جلد:5، صفحہ:309، حديث:6750ملتقطًا.

2...وسائلِ بخشش،صفحہ:100- 101 ملتقطًا.

ٻاھران نظر پئي آيا، مون پڇيو: اي جبريل! ھي ڪير ماڻھو آھن؟ ٻڌايو ويو: ھي وياج خور آھن. (1)

مشھور مُفسر قرآن، حکيمُ الاُمَّت حضرت علامہ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ ھن حديث جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: چو تہ وياج خور ھَوَس وارو ٿيندو آھي جو کائيندو ٿورو آھي حرص ۽ ھَوَس گھڻي ڪندو آھي، انھيءَ ڪري انھن جا پيٽ واقعي ڪوٺِڙين وانگر ھوندا، ماڻھن جو مال جيڪو ظلم ڪندي کسيو ھيائون اھو نانگ وڇُن جي شڪل ۾ نمودار ٿيندو، اڄ جيڪڏھن ڪو معمولي جيت پيٽ ۾ پيدا ٿي وڃي تہ تندرستي بگڙي ويندي آھي، ماڻھو بي قرار ٿي ويندو آھي تہ سمجھي ونو تہ جڏھن ان جو پيٽ نانگن، وڇن سان ڀرجي ويندو تہ ان جي تڪليف ۽ بي قراري جو ڇا حال ھوندو...؟ رب جي پناھ! (2)

| | |
|---|---|
| چھوڑ دو اے تاجرو! کم تولنا | جُھوٹ چھوڑو بیچنے میں بولنا |
| سُود و رِشوت میں نحوست ہے بڑی | اور دوزخ میں سزا ہوگی کڑی |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!   صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (6): ڪنڍي ڏار گاھ ۾ ٿوھر کائڻ جو عذاب

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج واري رات الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اھڙي ماڻھن وٽ تشريف کڻي آيا جن جي اڳيان پويان ٽڪڙا ليڙون ليڙون ڪري لڙڪي رھيا ھئا ۽ اھي چوپائين وانگر چرندي ڪنڊي ڏار گاھ، ٿوھر (ھي ھڪ ڪنڊي وارو ۽ زھريلو ٻوٽو جنھن جا پنَ ساوا ۽ گل رنگ برنگي

1...ابنِ ماجہ ،کتاب التجارات،باب التغلیظ فی الربا،صفحہ:363 ،حدیث:2273۔

2...مِراٰۃ المناجیح،جلد:4 ،صفحہ:259۔

ٽيندا آهن ان جا 100 جي ويجهو قسم آهن) ۽ جهنم جي تپيل (گرم) پٿر ڳِهي رهيا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇڻ تي فرمايو: اي جبريل هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي مالن جي زڪوٰة ادا نہ ڪندا هئا، الله پاڪ انهن تي ظلم ناهي ڪيو ۽ الله پاڪ ٻانهن تي ظلم ناهي فرمائيندو. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! زڪوٰة فرض هجڻ باوجود ادا نہ ڪرڻ حرام آهي ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. قرآن ڪريم ۽ احاديث طيبہ ۾ ان جون گهڻيون ئي سخت سزائون آيون آهن جهڙوڪ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن کي الله پاڪ مال عطا فرمايو ۽ ان ان جي زڪوٰة ادا نہ ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن ان جي مال کي هڪ گنجي نانگ (هيبتناڪ نانگ) جي صورت ۾ بڻايو ويندو جنهن جي اکين تي ٻہ ڪارا نقطا هوندا ۽ اهو گنجو نانگ ان جي ڳِچيءَ ۾ هار بڻايو ويندو جيڪو پنهنجي چپن سان ان کي پڪڙيندو ۽ چوندو: مان آهيان تنهنجو مال، تنهنجو خزانو. (2)

غور ڪيو! ڪير آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن جي اهڙي ڏيڄاريندڙ عذاب کي برداشت ڪري سگهي، الله پاڪ جو قسم! ڪنهن ۾ بہ انهيءَ ڏيڄاريندڙ عذاب جي برداشت جي سگهہ ناهي ۽ وري انهيءَ تي اڪتفاء ناهي بلڪ حديثن ۾ ان کان علاوه ٻين بہ ڪئي عذابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اعليٰ حضرت، امام اهل سنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن جو مختصر احوال ڪندي فرمائن ٿا: جنهن سون چانديءَ جي زڪوٰة نہ ڏني وجهي ✿ قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهہ ۾ تپائي ڪري ان سان انهن جون پيشانيون، پاسا ۽ پٺي ڏنبيون وينديون

---

1...الترغيب و الترهيب، كتاب الصدقات،صفحہ:263، حديث:15-

2...بخارى،كتاب الزكاة،باب اثم مانع الزكاة،صفحہ:393، حديث:1403-

✿ انهن جي متيءَ چاتيءَ تي جهنم جو گرم پٿر رکيو ويندو جيڪو چاتي چيريندي پُٺي مان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏي تي رکيو ويندو جو هڏيون ٽوڙيندي سيني مان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي ڪري پاسي مان نڪري ايندو، ڪِياڙي ٽوڙي ڪري پيشاني مان اُڀرندو ✿ جنهن مال جي زڪوٰة نہ ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو خبيث خونخوار نانگ بڻجي ڪري بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙندو، هي هٿ سان روڪيندو، اهو هٿ چٻاڙي وٺندو پوءِ ڳچيءَ ۾ طوق بڻجي ڪِري پوندو، ان جو منهن پنهنجي منهن ۾ وٺي ڪري چٻاڙيندو ۽ چوندو تہ مان آهيان تنهنجو مال، مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو پورو بدن چٻاڙي ويندو. وَالْعِيَاذُبِاللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو انهن عذابن تي غور ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي هيٺائي ۽ ڪمزوري کي ڏسو، افسوس! اسان جي ڪمزوري جو حال تہ اهو آهي جو هلڪو ئي متي جو سور بخار تڙپائي رکندو آهي، پوءِ آخرت جا هي درد ناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهجن ٿا، انهيءَ ڪري هاڻ بہ وقت آهي ڊڄي پئو ۽ جيڪي فرض هجڻ باوجود زڪوٰة ادا ناهن ڪندا جلد کان جلد توبهہ ڪن ۽ جيترن سالن جي زڪوٰة باقي آهي، حساب ڪري جلد کان جلد ادا ڪن نہ تہ جيڪڏهن اهو موقعو هٿ کان نڪري ويو ۽ توبهہ کان پهرين ئي موت اچي ورتو تہ پوءِ موقعو نہ ملندو.

ڪر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی( 2 )

مصطفيٰ جي معراج جي صدقي الله پاڪ اسان کي گناهن کان بچي ڪري جنت ۾ وٺي ويندڙ ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...فتاوىٰ رضويه،جلد:10 ،صفحه:153-

2...وسائلِ بخشش،صفحه:712-

## ”فيضانِ حديث“ موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي انهيءَ سلسلي ۾ دعوت اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمينٽ ڪجهه عرصو پهرين موبائل ايپلي ڪيشن فيضانِ حديث جي نالي سان لانچ ڪئي هئي هاڻ ان ۾ وڌيڪ 2 ڪتابن ۽ بهترين فيچرز جو اضافو ڪيو ويو آهي. جنهن جي ذريعي ✿ مطالعي دوران اهم ڳالهه لکڻ جي سهولت ✿ مطالعي ۾ دلجمعي جي لاءِ *Resume* جي سهولت ✿ روزانو هڪ حديث سان دلين کي روشن ڪيو ✿ وڌيڪ حديث، ترجمي ۽ شرح جي ڳولها ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه شامل ڪيو ويو آهي.

اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ به حديث پاڪ جو فيضان ماڻيو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

### بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو سکون ٿا:

### درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

مسئلو: وضو ڪان پوءِ ڪپڙا بدلڻ سان وضو ناهي ٽٽندو.

وضاحت: ✿ عوام ۾ مشهور آهي ته ڪپڙا بدلي ڪرڻ يا ستر (اُگهڙ) کلي وڃي ته وضو ٽٽي پوندو آهي. ايئن نه آهي. وضوءَ ڪان پوءِ ڪپڙا لاهڻ سان وضو ناهي ٽٽندو ۽ نه ستر کلڻ سان وضو ٽٽندو آهي ✿ البته بغير وجهه جي ستر کولڻ ته ماڻهن جي نظر پوي گناهه آهي، مرد جي لاءِ دُن کان وٺي گوڏن جي هيٺ تائين سڄو جسم ستر آهي. (1)

1...كنز العمال،كتاب الصلوٰة ، الفصل الاول، جلد:7، صفحہ:134،حديث:19097-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسْماءُ الحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَاقُدُّوْسُ

جيڪو سفر جي دوران يَاقُدُّوْسُ جو ورد ڪندو رهندو تڪاوٽ کان محفوظ رهندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! [1]

ذِکر و درود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے | میری فُضول گوئی کی عادت نکال دو!

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مدنی پنج سورہ،صفحہ:246